# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 2008

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2008

# سنڌ صحت ادارا (قيام ۽ انتظام) آرڊيننس، 2008

# THE SINDH HEALTH INSTITUTIONS (ESTABLISHMENT AND MANAGEMENT) ORDINANCE, 2008

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. وصفون

Definitions

3.صحت ادارن جو قيام

t of the Health Institutions Establishmen

4.بورڊ جي جوڙجڪ

Constitution of Board

5.صحت جي ادارن جا ڪم

Functions of the Health Institutions

6.عملدارن ۽ ملازمن جي مقرري

Appointment of officers and employees

7.فنڊ

Fund

8.بجيٽ ۽ اڪائونٽس جي آڊٽ

Budget and audit of Accounts

9.ڪميٽيز جي جوڙجڪ

Constitution of Committees

10.اختيارن جي منتقلي

Delegation of Powers

11.سرڪاري ملازم

Public Servants

12.قاعدا

Rules

13.ضابطا

Regulations

14. رنڊڪون هٽائڻ

Removal of Difficulties

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 2008

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 2008

# سنڌ صحت ادارا (قيام ۽ انتظام) آرڊيننس، 2008

# THE SINDH HEALTH INSTITUTIONS (ESTABLISHMENT AND MANAGEMENT) ORDINANCE, 2008

[01 جنوري، 2008]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ صحت ادارن جو قيام ۽ انتظام ڪيا ويندا؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ صحت ادارن جو قيام ۽ انهن جا انتظام ڪرڻ ۽ معاشري جي سمورن طبقن لاءِ معياري ۽ سستيون صحت سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ ان سان لاڳاپيل معاملن لاءِ خودمختيار بڻائڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي

۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

**مختصر عنوان ۽ شروعات**
Short title and commencement

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ صحت ادارا (قيام ۽ انتظام) آرڊيننس، 2007 سڏيو ويندو.

(2) اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ هن کي 24 آڪٽوبر 2007 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

(3) حڪومت، سرڪاري گزٽ ۾ نوٽيفڪيشن جي ذريعي، هن آرڊيننس جي شروعات کان جلد ئي پهريان ڪنهن بہ صحت جي اداري يا تربيتي مرڪزن جي ڪم ڪرڻ تي هن آرڊيننس کي لاڳو ڪري سگهي ٿي.

**وصفون**
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهہ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) "بورڊ" مان مراد بورڊ آف گورنرز؛

(b) "حڪومت" مان مراد سنڌ حڪومت؛

(c) "صحت ادارو" مان مراد هڪ اسپتال دفعہ 3 تحت قائم ڪيل تربيتي مرڪزن کانسواءِ يا سان گڏ ۽ جنهن ۾ شامل آهي، تربيتي اسپتال؛

(d)"بيان ڪيل" مان مراد ضابطن يا هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(e)"ضابطا ۽ قاعدا" مان مراد هن آرڊيننس تحت جوڙيل ضابطا ۽ قاعدا.

صحت ادارن جو قيام
Establishment of the Health Institutions

3.(1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي صحت ادارن جو اهڙو انگ قائم ڪري سگهي ٿي، جيئن اها ضروري سمجهي.

(2)صحت ادارو باڊي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي حقيقي وارثي ۽ عام مهر سان گڏ ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ جو اختيار هوندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي، ۽ اهو ان نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of Board

4. (1) حڪومت جي ضابطن ۽ هدايتن موجب بورڊ صحت اداري جي مک گورننگ باڊي هوندو ۽ ان جي انتظاميا ۽ ان جا انتظام بورڊ وٽ هوندا، چيئرمين، جيڪو وڏي وزير طرفان مقرر ڪيو ويندو ۽ اهڙن سرڪاري ۽ غير سرڪاري ميمبرن تي مشتمل هوندو، جيڪي ذيلي دفعه (2) ۾ بيان ڪيا ويا هجن.

(2) صحت وارو سيڪريٽري، تدريسي اسپتال جو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ، وائس چانسيلر حڪومت طرفان نامزد ڪيا ويندا، ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال حڪومت طرفان نامزد ڪيو ويندو، جيڪي سرڪاري ۽ چار غير سرڪاري ميمبرز هوندا، سواءِ چيئرمين جي، جيڪو

حڪومت طرفان انسان دوست، ناميارِي واپارين ۾ اين جي اوز منجهان نامزد ڪيو ويندو.

(3) تدريسي اسپتال جو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ بورڊ جي سيڪريٽري طور پڻ ڪم ڪندو.

(4) صحت واري سيڪريٽري جي نمائندگي هڪ عملدار طرفان ڪئي ويندي، جيڪو ايڊيشنل سيڪريٽري جي عهدي کان گهٽ نه هوندو.

(5) غير سرڪاري ميمبرن جي چونڊڻ، مدي ۾ برطرفي جو طريقيڪار قاعدن ۾ بيان ڪيو ويندو.

(6) غير سرڪاري ميمبر چيئرمين کي پنهنجي هٿ لکت نوٽيس ذريعي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

(7) بورڊ جي ڪارروائي جو ڪو به قدم بورڊ ۾ ڪنهن آسامي يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ نقص جي بنياد تي غير موثر نه هوندو.

**صحت جي ادارن جا ڪم**
**Functions of the Health Institutions**

5. صحت جو تربيتي ادارو، ماڻهن کي صحت جي سهولتون فراهم ڪرڻ جو ذميوار هوندو ۽ اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو، جيڪي وقتن فوقتن حڪومت طرفان هنن کي سونپيا وڃن.

**عملدارن ۽ ملازمن جي مقرري**

6.(1) بورڊ اهڙا ماڻهو مقرر ڪندو جيڪي اهڙي قابليت رکندڙ هجن ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت، جيئن قاعدن

| | |
|---|---|
| موجب بيان ڪيو ويو هجي. (2) ڪو شخص ڪنهن صحت اداري ۾ هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان فوري اڳ ڪنهن بہ حيثيت سان ڪم ڪندڙ هجي اهو جيستائين ڪنهن قانون يا انهن جي ملازمت جي شرط ۽ ضابطن جي متضاد نہ هجي تہ اهو بورڊ ۾ ملازمت لاءِ بدلي ٿي ويندو، اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي. بشرطيڪ اهو تہ اهڙا شرط ۽ ضابطا انهن شرط ۽ ضابطن کان گهٽ فائديمند نہ هوندا، جيڪي انهن جي بدلي کان اڳ انهن کي ميسر هيا. (3) ذيلي دفعہ (2) تحت بدلي ڪيل ملازم سرڪاري ملازم رهندا ۽ بورڊ طرفان حڪومت ڏانهن بدلي ڪيا ويندا جيستائين بورڊ جي ملازمت ۾ ضم ڪيا وڃن. | Appointment of officers and employees |
| 7.(1) هڪ فنڊ هوندو، جيڪو بورڊ جي نالي سان سڃاتو ويندو، جيڪو بورڊ ۾ رهندو ۽ جنهن ۾ اداري طرفان حاصل ڪيل سموريون رقمون جمع ڪيون وينديون. (2) فنڊ اهڙي تحويل ۾ رکيو ويندو ۽ اهڙي طريقي استعمال ڪيو ۽ هلايو ويندو، جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي. | فنڊ Fund |
| 8.(1) بورڊ جي بجيٽ تيار ڪئي ۽ منظور ڪئي ويندي ۽ ان جا اڪائونٽس اهڙيءَ ريت سنڀاليا ۽ آڊٽ ڪيا ويندا، | بجيٽ ۽ اڪائونٽس جي آڊٽ |

| | |
|---|---|
| Budget and audit of Accounts | جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي. (2)حڪومت مالياتي، ميڊيڪل ۽ انتظامي نگراني ٽرڊ پارٽي ذريعي ڪرائڻ جو حڪم ڪري سگهي ٿي، جيڪا حڪومت طرفان نامزد ڪئي ويندي ۽ ان ڪي بورڊ طرفان ادائيگي ڪئي ويندي ۽ بورڊ ٽرڊ پارٽي جي رپورٽ تي حڪومت طرفان جاري ڪيل هدايتن تي عمل ڪندو. |
| ڪميٽيز جي جوڙجڪ Constitution of Committees | 9. بورڊ اهڙيون ڪميٽيز ۽ ذيلي ڪميٽيز جوڙي سگهي ٿو جيئن اهو هن آرڊيننس جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ لاءِ ضروري سمجهي. |
| اختيارن جي منتقلي Delegation of Powers | 10. بورڊ پنهنجا ڪي اختيار، ذميداريون ۽ ڪم ڪنهن شخص يا ڪميٽي کي منتقل ڪري سگهي ٿو. |
| سرڪاري ملازم Public Servants | 11. سمورا شخص جيڪي هن ايڪٽ جي ڪن گنجائشن موجب ڪم ڪري رهيا هجن يا ڪم جو ارادو رکندا هجن اهي پاڪستان پينل ڪوڊ، 1860 جي دفعه 21 موجب سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا. |
| قاعدا Rules | 12. حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. |

**ضابطا Regulations**

13.بورڊ هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو جيڪي هن آرڊيننس جي گنجائشن ۾ قاعدن سان تضاد ۾ نہ هجن.

**رنڊڪون هٽائڻ Removal of Difficulties**

14. جيڪڏهن هن آرڊيننس جي ڪنهن گنجائش کي موثر بڻائڻ ۾ ڪا رڪاوٽ پيش اچي تہ، حڪومت اهڙيون هدايتون ڏئي سگهي ٿي، جيڪي ان رڪاوٽ کي هٽائڻ لاءِ ضروري سمجهي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**